
هوا جو ڏينهن
عاجز ميرواهي

# هوا جو ڏينهن

عاجز ميرواهي

ڪتاب جا سڀ حق واسطا اداري وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | هوا جو ڏينهن (شاعري) |
| ڇاپو | : | پهريون |
| سال | : | فيبروري 2008 |
| تعداد | : | 500 |
| ملهه | : | 40 روپيه |
| ڪمپوزنگ | : | ح .خ "گل" پرڙو<br>ساکي سنگت |

saakhisangat@gmail.com

| | | |
|---|---|---|
| ڇپيندڙ | : | ايجوڪيشنل پرنٽنگ پريس ڪراچي |
| ڇپائيندڙ | : | سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي |

# ارپنا

**پنهنجي پيارن سڄڻن**

**علي احمد بروهي**

**هري موٽواڻي**

**استاد الهنواز رڪڻائي**

**۽**

**نظر لاڪائي صاحب**

**کي**

# فهرست

پنهنجي پاران ______ 5
رايا ______ 7
حمد ______ 11
نعت ______ 12
منقبت ______ 13
سنڌ جي ثنا ______ 14
غزل ______ 17
گيت ______ 65
چئو سٽا ______ 69
وايون ______ 73

# پنهنجي پاران

## سوچون نہ سلڻ جهڙيون

هر ڪنهن انسان جي اَوّلين خواهش سندس بهتر ساٿ ۽ سنگم آهي جنهن ڪي هو شايد لاشعور ڪان وٺي ساري ٿو ۽ شعور ۾ اچي وڏيڪ ان طرف متوجہ ٿئي ٿو . ائين ئي ڪجھ مون بہ محسوس ڪيو آهي ۽ مون سان بہ اها ٽرئجڊي ٿي آهي تہ مون جنهن ڪي لاشعور ڪان وٺي چاهيو شعور ۾ اچي مون ڪان هٿ ڇڏائي ورتو . بعض اوقات ڪوڙ سارا ماڻهو اهڙا بہ ٿيندا آهن، جيڪي اهڙن مرحلن ۾ پاڻ سنڀالي ۽ دنيا سان ناهہ ڪري ڪجھ ردو بدل عيوض نهي جڙي راس ٿي ويهندا آهن، ليڪن مون ڪان ائين ڪونہ ٿي سگهيو ۽ نتيجي طور " ترجي گٽي سئو چوٽون ڪائي "جي مصداق ناڪام محبت جي راهن ۾ پاڻ رُلي ويس. هي منهنجو نئون شعري مجموعو بہ هڪ رول/ منجهيل/ ماندي ۽ اُباڻڪي ذهن جي افسرده خيالن جو نتيجو آهي. جنهن سان شايد اهي سهمت نہ ٿي سگهن جن کي سندن محبتون حاصل ٿيون آهن. مون رومانس کي انتهائي ويجهڙائي ڪان اجان تائين محسوس ناهي ڪيو، تنهنڪري هن ڪتاب ۾ جيڪڏهن ڪٿي

ڪٿي ڪنهن کي رومانس محسوس ٿئي ته اهو ان کي منهنجي هڪ ذهني خلش طور تسليم ڪري. باقي دنيا ۽ دنياداري کي پنهنجي وِت ۽ وس آهر جيڪو ۽ جيترو سمجهي سگهيو آهيان ، انهيءَ کي هتي هوبهو ائين ئي بيان ڪرڻ جي هڪ ناقص ڪوشش ڪئي اٿم، پوءِ ان ۾ ڪامياب يا ناڪام جو فيصلو اوهان پڙهندڙ ئي ڪري سگهندا.

آخر ۾ انهن مهربانن جا احسان مڃيندس جن هن تخليقي ڪم ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي آهي. مولوي نبي بخش "دانش" ، سائين خادم جلالي صاحب ، ڪرم ٽالپر ۽ جيجي ڪنيز فاطمه راڄپر جا ٿورا.

**عاجز ميرواهي**

موبائيل نمبر: 0332.2729258

**ٺري ميرواهه**

25 ڊسمبر 2007ع

عاجز ميرواهي جي پنهنجي اصل نالي آيت الله سان لکي ها تہ هوند ائين سمجهي ها تہ ايران جي خميني بزرگن جي نسب يا سلسلي جو ڪو فرد آهي، جيڪو سنڌ ۾ اچي شاعري ڪري رهيو آهي .واقع ائين آهي ۽ هو لغاري بروچ آهي ۽ ٺري ميرواهہ ۾ پيڙهين کان رهي ٿو.

چوندا آهن تہ سماج ۾ رهندي، ماڻهو تي ماحول جو وڏو اثر پوندو آهي. عاجز بہ هڪ ماڻهو آهي معاشري جو حساس فرد ۽ ماڻهن سان رهي ٿو، ماڻهن جون خوشيون ، ڏک ۽ سمورا احساس دل ۾ اکين سان ڏسي ۽ هنڊائي ٿو ۽ انهن سمورن احساسن کي پنهنجي تخليقي عمل جو بنياد بڻائي، اهو سڀ ڪجهہ معاشري ۾ رهندڙ ماڻهن کي موٽائي ڏي ٿو.

ساحر لڌيانويءَ تہ اها ڳالهہ پنهنجي هڪ شعر ۾ بہ ڪئي آهي تہ دنيا آزارن ۽ حادثن جي شڪل ۾ جو ڪجهہ مونکي ڏنو آهي مان اهوئي موٽائي ڏئي رهيو آهيان .

**تاج بلوچ**
چيف ايڊيٽر
سوجهرو ڪراچي.

عاجز ميرواهي جو ڪتاب هٿ آيو تہ سهڻي ڪور سا روبرو ٿيس.

" **هوا جو ڏينهن** " لڳو تہ ڪنهن زندگيءَ جي اُس ڪان مڪتي پائي ڇانو ۾ هِڪ وڏو اُيو ساهُ پٽيو هُجي. لازمي بہ آهي، شايد اڄڪلهہ جو آدم آشا جو دامن ڇڏي روزمره جي هِن جيون جي ڪشمڪش جي وادين ۾ اُلجهي رهيو آهي، جِتي خودغرضيءَ جي هوا ڦهلجي رهي آهي، فضائن ۾ نفرتن جا نانگ وسي ويا آهن، هن جي لفظن ۾ بي درد زماني جي تصوير چٽي پئي ڏسڻ اچي.

دوســــتيون يـــــاريون بــــ مطلـــب جـــون ٿيـــون لڳــــن،
يـــــــار ۽ پيـــــــارا بــــــ تــــــا دشــــــمن لڳــــــن.
اهڙا ڀاو منهنجي هن شعر ۾ سمايل نظر پيا اچن :
پنهنجـــو پنهنجـــو پيـــو چئـــي ڪـــوئي لُٽـــي ڏيـــنهن رات ٿـــو،
سال گذريا پو پٽو پيوڪيئن لٽي ڏينهن رات ٿو.

پر هن دور جي جدوجهد جي وِچ ۾ هڪ وطن سان ڪيل واعدو بہ نڀائڻوآهي.

اچو تہ ٻڌون عاجز ميرواهي جي زباني :

نهـــن چـــوٽيءَ جـــو زور لڳـــائي ســـنڌ ســـلامت رکڻـــي آ،
ظـــالم ، جـــابر ، پســـت بنـــائي ســـنڌ ســـلامت رکڻـــي آ.
حـــاڪم اڄڪلهـــ وارا ســـارا ڳيجهـــو هڪـــڙي قاتـــل جـــا،
تـــن ڪان ســارو قـــرض چـــڪائـــي سنـــڌ سـلامت رکـــڻي آ.

هڪ ارمان اِهو بہ پورو ڪرڻو آهي، جو پنهنجي سنڌ جي سوغات اسانجي مٺڙي ٻولي سنڌي پنهنجي ايندڙ پيڙهيءَ جي لاءِ اڃا بہ سوگهي ڪري رکڻي آهي.

سچائي سامهون سِچ جي روشني ٻڌجي اسان ڪي هِڪ سنديش ڏئي رهي آهي تہ اُميدُن جو ڏيو ٻاريون،

سڀ سمــهي پيـا ٻيا،
جاڳـي هـڪـــڙو رب ۽ مان......
"سُجاڳي " اسانجو وسُ آهي !!!

**ديوي ناگراڻي ، 10 فبروري،** 2008 New Jersey, USA

عاجز جي شاعري مون چڱي طرح پڙهي آهي، هو تمام زبردست لکي ٿو ، رواني، جامعيت ۽ غرابتِ الفاظ کان مبرا هجڻ سان گڏوگڏ موجوده حالات کي باقائده ڇهي ٿو، سندس ڪلام ۾ اهي سڀ شاعراڻيون خوبيون موجود آهن جيڪي هڪ شاعر جي شاعري توڙي شعور ۾ هجڻ کپن، پاڻ مذهب تي به لکيو اٿس، ته قوم تي به ، حالات تي لکيو اٿس ته ديس تي به ، ان سان گڏو گڏ موجوده زماني جي ڪنورتائن ۽ انساني جنگ وجدال کي به تمام نفيس الفاظ سان صفحه قرطاس تي چٽيو اٿس.

هن موجوده ڪتاب ۾ چند سٽون ته اصلي املھ آهن، شايد سون جي پاڻي سان لکجن تڏهن به گهٽ آهن ۽ خاص ڪري ڪي شيون ته صفا ڦهر جون اٿس.

نبي بخش "دانش"

ٽري ميرواھ

عاجز ميرواهي نہ رڳو رومانوي شاعر آهي پر هو هڪ مزاحمتي شاعر پڻ آهي. طبقاتي سوچ جو مخالف هي شاعر هڪ خود دار، با ضمير، بي باڪ ۽ باڪردار شاعر آهي.

هن جي شاعريءَ ۾ فطرت جي حسن جا سمورا رنگ ۽ روپ پسي سگهجن ٿا. عاجز ميرواهيءَ جي شعرن جي حسن، سادگي ۽ احساس کي سمجهڻ لاءِ اسان کي پڻ عاجز جهڙي نرم نفيس ۽ پيار ڪندڙ دل رکڻي پوندي.

**معشوق ڏاريجو**

**مرڪزي خزانچي**

**سنڌي ادبي سنگت سنڌ**

# حمد

هلائين ٿو چلائين ٿو، خدايا شڪر آ تنهنجو ،
دنيا هي پيو وسائين ٿو ، خدايا شڪر آ تنهنجو .

تون ئي مالڪ، تون ئي خالق، تون ئي رازق رزق ڏيندڙ ،
پيو روزي رسائين ٿو، خدايا شڪر آ تنهنجو .

توئي ارض وسما ٺاهيا،جبل وڻ ٽڻ ۽ گل ٻوٽا،
هوائون پڻ هلائين ٿو، خدايا شڪر آ تنهنجو .

ڪڪر رحمت سندا آڻي وسائين ٿو سدائين تون،
زمين سائي بڻائين ٿو، خدايا شڪر آ تنهنجو .

ڪڏين ٿو تون ئي جبلن مان اهي پاڻيءَ سندا چشما،
نديون نارا وهائين ٿو، خدايا شڪر آ تنهنجو .

سندءِ احسان آ مالڪ ٻُڌائي ڇا ڀلا ”عاجز“،
عرض اُن جو اگهائين ٿو، خدايا شڪر آ تنهنجو.

# نعت

ٻيڙا ٻني سر لايو نبي سائين،
فضل وڪرم فرمايو نبي سائين.

سيد ضامن آهين ضعيفن،
اڙين کي ڇڏرايو نبي سائين.

ڀاڳ رُسي ويا بگڙي قسمت،
بخت سندم بڻرايو نبي سائين.

قبر حشر جو خوف سجهي ٿو،
همت ڪا وٺرايو نبي سائين.

در سندءِ تي ڏيندو غلامي،
”عاجز“ کي سڏرايو نبي سائين.

# منقبت

بک پياس ۾ گذارو ، حضرت حسين ع جو ،
صحرا ۾ آ ستارو ، حضرت حسين ع جو .

قربان ٿيا وڏڙا ، معصوم ننڍا ٻچڙا،
گهر ٻار ويو سارو ، حضرت حسين ع جو .

غم درد رکڻ لازم ڪربل جي شهيدن جو ،
محرم مهيني وارو ، حضرت حسين ع جو .

خنجر جي نوڪ هيٺيان قائم نماز و قرآن،
سجدي ۾ سر سوپارو، حضرت حسين ع جو .

”عاجز“ اچار هر دم پنهنجي زبان تي ،
نالو مٺو نيارو، حضرت حسين ع جو .

# سنڌ جي ثنا

نهن چوٽيءَ جو زور لڳائي سنڌ سلامت رکڻي آ ،
ظالم ، جابر ، پست بنائي سنڌ سلامت رکڻي آ .

ارڏا آهيون، سر جي بازيءَ تي پڻ کيڏڻ چاڙون ٿا ،
موت اسان لئہ مٺو ناهي ، سنڌ سلامت رکڻي آ .

سٽ سٽن ٿا، دشمن شايد واقف ناهن سنڌين کان ،
نقشا تن جا خاڪ ملائي سنڌ سلامت رکڻي آ .

شهرڪراچي مفت ۾ ناهي بخشش ۾ جو ڏئي ڇڏيون
حيدرآباد سميت موٽائي سنڌ سلامت رکڻي آ .

حاڪم اڄڪلهہ وارا سارا ڳيجهو هڪڙي قاتل جا ،
تن کان سارو قرض چڪائي سنڌ سلامت رکڻي آ .

شاعر آهيون فرض ٿئي ٿو ، جاڳرتا جو درس ڏيون ،
وقت کان اڳ ئي قوم جاڳائي سنڌ سلامت رکڻي آ .


غزل

درد ۽ درمان کي ڳولڻ کپي ،
ساءَ جي سامان کي ڳولڻ کپي .

سونهن ۽ مونکي خدا پيو ٿو سُجهي ،
انکري انسان کي ڳولڻ کپي .

ڪالهہ جيئن محبوب سان ميلو ٿيو ،
اڄ بہ ان امڪان کي ڳولڻ کپي .

حوصلو پنڌ جو ڪٿان حاصل ڪجي ،
۽ وچايل ڏيان کي ڳولڻ کپي .

ٿو چوي ”عاجز“ اجان پيي وقت آ ،
يار پنهنجي شان کي ڳولڻ کپي .

آئيني کي سچ ڳالهائڻ ئي کپي ،
ڪسوٽي کي ڪَسُ ٻڌائڻ ئي کپي .

ڪير ڪنهنکي ڪيستائين جوڙيندو ،
هر ڪنهنکي پاڻ ٺاهڻ ئي کپي .

زندگيءَ کان پي اهم آهي عزت ،
جنهن کي هر صورت بچائڻ ئي کپي .

ڪونه اميدن جو ڪوئي ڇيهه آ ،
خواهشن کي ونگ ورائڻ ئي کپي .

پيار جي هر ڳالهه لڪ ۾ آ چڱي ،
وقت آئي ڪجهه ٻڌائڻ ئي کپي .

جي زنده سپ ديس لئہ "عاجز" رهون ،
پوءِ مري ان لئہ ملهائڻ ئي کپي .

ٿي پيو آهي جيئڻ هڪ مسئلو ،
۽ سجهي پڻ ڪونہ ٿو ڪو پر جهلو .

روڪجن جي ڪونہ ٿيون ڳالهيون گهٽيون ،
ٿو جُڙي پوءِ تن منجهان ئي معاملو .

حق صداقت جي سدائين سوڀ آ ،
پر ڪٺن هارڻ نہ آهي مرحلو .

دوستيءَ مان دشمني ٿيندي ڏٺم ،
دوستن تي پي نہ آهي ڀروسو .

زندگي ڪيڏي ڪٺن گذري ڀلي ،
پر نہ ڇڏجي يار هرگز حوصلو .

ڀل هوا جو رخ مخالف ٿي رهي ،
ٻارڪو ”عاجز“ اميدن جو ڏيئو .

ڏينهن ئي سارا بـ ٿيا دشمن لڳن ،
رات جا تارا بـ ٿيا دشمن لڳن .

باغ ۾ بدبوءِ آ بارود جي ،
گس گهٽيون چارا بـ ٿيا دشمن لڳن .

چو هوا ڪمزور ٿي پئي آهي اڄ ،
هي ڪڪر ڪارا بـ ٿيا دشمن لڳن .

دوستيون دنيا ۾ مطلب جون ٿيون ،
يار ۽ پيارا بـ ٿيا دشمن لڳن .

رشتيداريءَ ۾ بـ گهٽ ئي ساءُ آ ،
قربتن وارا بـ ٿيا دشمن لڳن .

آپگهاتي حملا ”عاجز“ پيار تي ،
نينهن جا نعرا بـ ٿيا دشمن لڳن .

رت روئي آسمان سج لٿي ،
سرخ سارو جهان سج لٿي .

نج ڳاڙهي افق منجهان پاسي ،
چڙ ٿيو امتحان سج لٿي .

واهيري ويل ياد آيا ڇو ؟
ڪنهنجا قدمن نشان سج لٿي .

رات ڪاري مان يار! اميدون ڇا ،
جاڳ جوئي سامان سج لٿي .

عمر جون گهڙيون ويون ”عاجز“
پر پئي سڌ ئي ڪان سج لٿي .

تير ڪمان تي چانيل آهي ،
جنگ ڏيان تي چانيل آهي .

ڪيئن وساريان ذڪر اهو مان ؟
جيڪو زبان تي چانيل آهي .

ڪو ٻه ته پاسو خالي ڪونهي ،
حرص جهان تي چانيل آهي .

چپ ڪانپوءِ اهوئي ٿيٺو آ ،
جو امڪان تي چانيل آهي .

روح جي رونق يا بربادي ،
جسم ۽ جان تي چانيل آهي .

روز ڊڄان ٿو ان کان ”عاجز“ ،
جو آسمان تي چانيل آهي .

رات جي اکڙين منجهان ڳوڙها ڳڙن ،
ماڪ جا قطرا انهيءَ مان ٿا جڙن .

آدمين اخلاص کي آهي ڇڏيو ،
هاڻ ڪنهن صورت نٿا ڪنهن کي وڻن .

مسجدن ڏي ڊوڙ مڪارن سندي ،
ڇو نٿا دنيا اندر سڌري هلن .

جن ڇڏيو پئسو آ پئسو تن پٺيان ،
جي پٺيان پئسي نہ سي سکيا رهن .

موت ڪنهن کي ياد ”عاجز“ ڪونہ آ ،
بي فڪر ماڻهو پيا گهمندا وتن .

ٻين جي عيبن کان اگر شرمائجي ،
پنهنجي عيبن ڏي ٻه ڪجهه واجهائجي .

ٿا سدا چاهيون اچي پرچائي ٻيو ،
پر پلو ڪنهن کي وجي پرچائجي .

سڀ سٺو آ پاڻ جو سمجهي وٺون ،
ان کان بهتر ٻئي کي جو سمجهائجي .

سڀ وٽي سان دل لڳائين ٿا مگر ،
اڻ وٽيءَ کي پي ته جيڪر پائجي .

انفرادي خيال ويا آهن وڌي ،
اجتماعي سوچ ڪا جاڳائجي .

ڪاميابي ٻئي جي پل سارا هجي ،
پاڻ پي ڪجهه جڳ اندر مچرائجي .

خواب ساپيان ٿي پون ”عاجز“ سپئي ،
قوم کي همت اگر وٺرائجي .

هيءُ جهان پئي جهان جي لاءِ آ،
جيئن زمين آسمان جي لاءِ آ.

مشڪلاتن ڪان ڇو ڊڄي ماڻهو؟
آدمي امتحان جي لاءِ آ.

دل منهنجي مفت ڀر ڏيڻ لاءِ ،
پر ڪنهن قدردان جي لاءِ آ.

پنڌ جيڪو ٻه ٽو ڪجي ڪاڏي،
سو ٻه ڪنهن هنڌ رسان جي لاءِ آ.

هيءُ موضوع تو جو ڪنيو ”عاجز“،
سو برابر بيان جي لاءِ آ.

ويندن پويان ويڌن آهي،
رهبر دنيا رهزن آهي.

خوشبو لئه سنسار سمورو،
پوءِ ڇو بد بوءِ گلشن آهي.

جي انسان ٿو پاڻ تي سوچي،
هو هر شئي جو مسڪن آهي.

هڪ وڻ ڏار ٻه ان جا پوءِ پي،
ڏار ٿيل ڇو پن پن آهي؟

جيت ۽ هار جي هيءَ منڊ "عاجز"،
ڄاڻ وچڻ تي جوين آهي.

حقيقت کان انڪار جو وقت آيو،
هي اوندهہ انڌوڪار جو وقت آيو.

گلن جي نزاڪت کان ماڻهو نہ واقف،
ڪنڀن سان سروڪار جو وقت آيو.

گهٽي ڦهلجي وئي وبا نفرتن جي ،
دلين کي ڪرڻ ڏار جو وقت آيو.

سچوءَ ڪرو جو بہ ماڻهو آ ”عاجز“،
انهيءَ لئہ تہ آزار جو وقت آيو.

ڪڏهن اي زمانا نه هونداسين اسان ،
چڏي آشيانا نه هونداسين اسان .

وفائون اسان جون تري ايندئي دل تي ،
روئي ڏيندين جانا نه هونداسين اسان .

نڪي گيت هوندا نه گونجار ٿيندي ،
نه وڄندا ترانا نه هونداسين اسان .

دلين جي به ڌڙڪن ٿي خاموش ويندي ،
نظر جا نشانا نه هونداسين اسان .

بسنت رت ۾ بادل ايندا پرجي ”عاجز“
ملڻ جا بهانا نه هونداسين اسان .

اونداهيءَ سان اجالو ڪيئن ٿيندو ؟
ڏکن ۾ هو جمالو ڪيئن ٿيندو ؟

عزم ڪمزور هوندا منزلن تي ،
پڇڻ لاءِ ڪشالو ڪيئن ٿيندو ؟

جي ملندي عام معافي ظالمن کي ،
ظلم جو ڪو ازالو ڪيئن ٿيندو ؟

نه محنت سان محبت ڪابه رکبي ،
مثالي ڪو حوالو ڪيئن ٿيندو ؟

ٻين وانگر رڳو کائڻ ۽ پيئڻ ،
ائين ڪوئي نرالو ڪيئن ٿيندو ؟

پيو ڪٿي جيئڻ سندو سامان آ ،
زندگاني چند گهڙيون مهمان آ .

ائين خطا ناهن ٿيا هي حوصلا ،
ٿو ڏسان پيو چوءِ طرف گهمسان آ .

نفرتون پکڙي ويون هر دل اندر ،
ڪو ڪدورت جو ٿيو اعلان آ .

پيرين پيادو آهيان ۽ ڏرتتيءَ ،
سچ ، مٿان ڪان اپريو شمشان آ .

ٿيو ڏکيو ڏونگر سندو ”عاجز“ سفر،
پر همٿ سان هر قدم آسان آ .

نانگ وانگر پيو ٿو هر ڪوئي نچي ،
ساز جو آواز ڦاسائڻ اچي .

ڏک ڏولاون جا مسئلا ٿيا پيلا ،
وڻ جو ميوو جهڪ جهولن ۾ پچي .

ٻئي ڪي مارڻ آهه سولو ٿي ويو ،
سو به ان مقصد ته ماڻهو خود بچي .

جو ٿيو ڏاهو سو سک چا پائيندو ،
روز ”عاجز“ ! رهندو ڏک ۾ ۽ ڏچي .

هر لمحو هڪ منظر آهي ،
پوءِ بدتر يا بهتر آهي .

ماٹهو ماٹهو ملهه لهي ٿو ،
ڪمتر يا ڪو برتر آهي .

يادِ ڪندي ڪنهن يار سڄڻ ڪي ،
درد وڏي ويو ويتر آهي .

سوچ سمنڊ ۾ لوچ جون لهرون ،
هر ساروٹي ٻڏ تر آهي .

يار گلابي گل نه ٿيوءِ جي ،
سات سمورو ٿوهر آهي .

محبت جي ميدان ۾ ”عاجز“
جي سمجهو هڪ گوهر آهي .

صبر جو دامن ڇڏايل تو ڏسان،
سخت تر هر مهل آيل تو ڏسان .

ڪوفي وارن کي مُيَسر آ شراب ،
ڪربلا وارا اڃايل تو ڏسان .

آ ڪٿو لشڪر سچو فرعون جو ،
هڪ نبي موسيٰ ستايل تو ڏسان .

عرش کان ڪوئي اچي مسئلا ڇندي ،
فرش تي سڀ مت منجهايل تو ڏسان .

هڪ دفعو ”عاجز“ نه آهي شعر ۾ ،
ڳالهه هي هر هر ٻڌايل تو ڏسان .

دشمني جو دور آهي چوٽ تي ،
چو ته هر ڪوئي لٿو آ ڪوٽ تي .

جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي آ اصول،
چو ڏکايل آهين ڏکئي موٽ تي .

زر تي شهرت، زر سان عزت، مرتبو،
کهڙو ڪم آ جو نٿو ٿئي نوٽ تي .

لوڀ لالچ حرص بي ايماني گهٽي ،
ڄڻ حياتي ٿي ختم ٿئي ٿوٽ تي .

پاڻ تي رک ڀروسو ”عاجز“ پڪو ،
چو رڳو ڳالهائين ويٺو اوٽ تي .

هر تات علامت آ،
فڪرات علامت آ.

هن ڏيهہ ۾ ڏاڍائي،
ڏينهن رات علامت آ.

سچڻ جا ستم سمجهان،
سوغات علامت آ.

سهميا ٿا رهن ماڻهو،
خطرات علامت آ.

”عاجز“ سندي غزلن ۾،
پريات علامت آ.

زنده ڀي ماڻهو سڏائي ٿو سگهي،
موت سان ڀي اک ملائي ٿو سگهي.

چاهتون ٻئي طرف آهن جاڳنديون،
ورنه هر ڪو دل لڳائي ٿو سگهي.

جڏ ٻين جي ڀي حقن جو سوچبو،
تڏ پنهنجو ڀي ڪجه بچائي ٿو سگهي.

هر هميشه ناهي ٻئي تي منحصر ،
پاڻ ڀي ماڻهو ملهائي ٿو سگهي.

وقت سان گڏ گهاوَ ڀرجي ٿا وڃن،
پر نه ڪو دلبرُ ڀُلائي ٿو سگهي.

انڌ جي گهوڙي مٿان ڪيئي سوار،
چاڙ ڪريا ڪيترو رهندا هوشيار ،

رت سنديون گرڙيون ڪري جيڪي سُتا،
سي ڪٿي حاصل ڪري سگهندا قرار.

زندگي هر حال ۾ چاهي نباهه ،
چو پيلا ماڻهو ٿئي تنهن ڪان فرار.

جو ڏنو ٿئي ٿو ٻنو سو آ پيلو،
ورنه ڪاڏي ويا ڪٿي ڪيئي خرار.

هيءَ حياتي دم گهڙي جو کيل آ،
تون مسافر وانگي ”عاجز“ ٿي گذار.

سمجهي سگهي ڪو شايد : تحفي جي محبت ڪي،
تحفي سان گڏ سندي ڪنهن پنهنجي جي محبت ڪي

مقصد ڪان ڪين هتيو توڙي جو موت آيس،
دنيا ڀلا ڇا ڄاڻي؟ ارڏي جي محبت ڪي.

تارازي آڻيو توريون انصاف عدالت سان،
فطرت جي محبت ۽ پئسي جي محبت ڪي.

اظهار ئي آسي ڪجهه تڪرار جي نه جاڳي،
ائين ڪونه ڪوئي سمجهي گونگي جي محبت ڪي.

”صورت جا سڀ ثناگر“سيرت ڪي ڪير سمجهي ،
رنگ ڍنگ وڃائين ٿا ڪوجهي جي محبت ڪي.

داناءَ اچو ۽ گڏ ٿيو هي سوال اٿيو آهي،
رت کي سلام آ، يا رتبي جي محبت کي.

محبتون حد شمار کان ٻاهر،
جي ڪجن، اعتبار کان ٻاهر.

بي قراريون قرار ڳولهين ٿيون،
ڪونه ڪنهن جي نهار کان ٻاهر.

چند ڦاٽو آ اوچ ڪکرن ۾،
ٿو لڳي جڻ وقار کان ٻاهر.

ڪير آهي جو پاڪ پوتر آ؟
شوق کان ۽ شڪار کان ٻاهر.

غم ۽ خوشي آهي جي گڏيل يارو،
جيت پي ناهي هار کان ٻاهر.

شاعرن ۾ تہ هڪڙو ”عاجز“ پي،
آهي چريو، سُڌار کان ٻاهر.

زندگي پنهنجي تہ پياري ٿا رکون،
پر نظر ٻئي تي قهاري ٿا رکون.

عارضي سمجهون ٿا جي ساريون گهڙيون،
چيز هر ڪا پڻ اڌاري ٿا رکون.

جيب ۾ آهي شرافت جي سَنَدَ،
سوچ شايد ڪا ڏوهاري ٿا رکون.

دل ۾ ڪاتيون ۽ ڪهاڙيون هن لڪيل،
ظاهري ڏاڙهي سونهاري ٿا رکون.

يار ”عاجز“ ڪيئن چئون دلبر بنا،
چين آهي ۽ ٻهاري ٿا رکون.

ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا ياد اچين ٿو او پرين !
دل ۾ سندءِ ديرا ياداچين ٿو او پرين !

نيڻن جي رستي تنهنجي ڪيان ڳولها
ڪي ٿو ڏسان ڀيرا ياد اچين ٿو او پرين !

ڏينهن جي گردش ۽ رات ستارن جا
ڀائيان ٿو گهيرا ياد اچين ٿو او پرين !

ڪوئل جي ڪوڪو ڳيرن جي گهوگهو
صبح جا ويرا، ياد اچين ٿو او پرين !

جهڙا ڀي آهيون ته به تنهنجائي آهيون
مندا يا ميرا، ياد اچين ٿو او پرين !

وقت کي آبخار ڇا چئجي !
هر گهڙي آبيمار ڇا چئجي!

مان ملڻ جي شديد خواهش ۾،
هو چوي :"انتظار" ڇا چئجي !

آ کٽي هاڻ رت بسنت سندي،
فصل گل بيقرار ڇا چئجي !

هر ڪو لمحو وصال کان اڳ ۾،
تو رهي سوڳوار ڇا چئجي !

سچ چوين تو مڙين نٿو "عاجز"،
ماڻهون مارينديئي يار ڇا چئجي !

نصيبن جي بازي ڇا هاريون ٿا پيا.
اسان پاڻ جيئري ئي ماريون ٿا پيا.

اُجهامي ويا سڀ اميدن جا ڏيئا،
جدا ٿي جڏهن ڪان گذاريون ٿا پيا.

بهارن جي مند ۾ ڪڪر ڪارا آيا،
تڏهن سات سهڻا سنڀاريون ٿا پيا.

سڪا لڙڪ اکڙيون وسڻ کان بيهي ويون،
دلين جي به ڌڙڪن بيهاريون ٿا پيا.

سندءِ غم ۾ غلطان آهيون اي ”عاجز“،
خوشيون ٽپڪي ٽپڪي سماريون ٿا پيا.

ٿا اچن سيارا پرين پيارا ڪٿي؟
سيءَ سجهن پارا پرين پيارا ڪٿي؟

سڀ سندا محبوب آهن روبرو،
مان ڏسان چارا پرين پيارا ڪٿي؟

راتيون غمگين گذرن ڏينهن ڏکيا،
ميٿ مونجهارا پرين پيارا ڪٿي؟

سج سان آ روشني ۽ چنڊ سان،
گڏ رهن تارا پرين پيارا ڪٿي؟

موسمون مندون ٻه هڪ ٻئي ساڻ گڏ،
ڪنهن رکيا ڌارا پرين پيارا ڪٿي؟

پوهه پارن ۾ مري ”عاجز“ ويندءِ،
وار ڪي وارا، پرين پيارا ڪٿي؟

ننڊ نيڻان نيئي ، تون هليو وئين مٺا !
جاڳ تحفو ڏيئي تون هليو وئين مٺا !

مون تہ ڏاڍو ڪيو ڪيئن تو روڪيان،
پاڻ دل ۾ پيهي، تون هليو وئين مٺا !

ڪو مسافر ائين ناهي وڃ سان ڪندو ،
جيئن پير ۾ ويهي، تون هليو وئين مٺا !

ساٿ توڪي مليو تون سڪيو ٿي وئين ،
ڪنهن جي گذري ڪيهي، تون هليو وئين مٺا !

ان تہ ”عاجز“ جي ڪا هاڻ پر گهور لهہ ،
جنهنڪي ريبي ريهي، تون هليو وئين مٺا !

دلي يار ڪوئي ملي ڪونه ٿو ،
وفادار ڪوئي ملي ڪونه ٿو .

چا بستي سڄي ساڙ ساڙين جي آ ،
ملنسار ڪوئي ملي ڪونه ٿو .

عبادت ڪندڙ آڪڙيا ٿا وتن ،
گنهگار ڪوئي ملي ڪونه ٿو .

وڏا ٿي پيا سڀ سندي ڪرت ۾ ،
ننديو ٻار ڪوئي ملي ڪونه ٿو .

چڏيان ڪيئن پيارن جي سٿ ڪي سڄڻ ،
رهي ڏار ڪوئي ملي ڪونه ٿو .

ڏسون ٿا وساري ٿو ڪيسين پلا؟
جدا ٿي گذاري ٿو ڪيسين پلا؟

اسان ڪان جو منهنڙو ٿو ڦيري پرين ،
ٻين ڏي نهاري ٿو ڪيسين پلا؟

محبت گهٽائي ۽ نفرت رکي ،
بدلجي ڏيکاري ٿو ڪيسين پلا؟

اسان پي ڏسون ٿا : سڄڻ غير ڪي ،
ڪلي ۽ ڪيڪاري ٿو ڪيسين پلا؟

حياتيءَ تان هٿڙو ڪنيم يار ”عاجز“،
ڏسون ، موت ماري ٿو ڪيسين پلا؟

غم خوشي آهي ڳڏيل مان ڇا ڪريان؟
زندگي آهي رليل مان ڇا ڪريان؟

ڪوبه ڪونهي ياد واري گهر اندر،
در مگر پوءِ ٻيي ڪليل مان ڇا ڪريان؟

راهه ۾ رولي ويو جو پاڻ هو،
سو اگر چئي: ” تون پليل “مان ڇا ڪريان؟

ڪو نظارو پيي نٿو هاٿي وٺي ،
دل ڏکن سان آ ڀريل مان ڇا ڪريان؟

ٿو اکين ڳاڙهين مان ”عاجز“ ائين لڳي ،
جوش ۾ آهيان جليل مان ڇا ڪريان؟

هٽايو رات جا وارا، اسان کي جاڳڻو آهي،
ڪپن ٿي ڪين ٿا تارا، اسان کي جاڳڻو آهي .

اَمُر آهي :”نہ اک ٻوٽيو ، نکي جهٽڪو اچي ننڊ جو،“
رڳو وينا ڏسون چارا، اسان کي جاڳڻو آهي .

برابر آ سيارو ۽ وڏي وئي آ گهٽي سردي،
پلي پارا چمن پيارا ! اسان کي جاڳڻو آهي .

ڏسو ٿا هيڪلو آهيان ، مگر ڪا سار مونسان گڏ ،
نشانيون ۽ انگل آرا ، اسان کي جاڳڻو آهي .

سمهان ڪيئن مان ! سمهي پوندا صدين جي جاڳ جا سپنا ،
هٿان ويندا سڄڻ سارا ، اسان کي جاڳڻو آهي .

وئي ننڊ واپس ورائي نہ سگهندس ،
ورائي وري سا وڏائي نہ سگهندس .

سدا جاڳ اکڙين سندي سونهن آهي،
انهيءَ کي ڪڏهن بہ وڃائي نہ سگهندس .

وساريو اوهان جي وساري سگهو ٿا،
مگر مان اوهان کي ڀلائي نہ سگهندس .

محبت سوا ڀي گهڙيا پيا گذارين ،
ڪٽي زندگي هي سجائي نہ سگهندس .

جي احساس آهن تہ جيئرو آ ماڻهو،
ختم ٿيا تہ زندهہ سڏائي نہ سگهندس .

وفائن جي بدلي ملي جا جفا آ ،
اهو درد دل ۾ لڪائي نہ سگهندس .

بي اثر ٿي پيو گذارڻ ڇا ڪجي؟
پاڻ کي تنها سنيارڻ ڇا ڪجي؟

جڳ اجارڻ جو ته مقصد هو مگر،
ٿيو ڏکيو پنهنجو سڌارڻ ڇا ڪجي؟

شام کي سُرخي سنواري ٿي مگر،
روشني اوندهه جو ڪارڻ! ڇا ڪجي؟

ناخدا جي هٿ ۾ ڪشتي مون ڏني،
وس سندس ٻوڙڻ يا تارڻ ڇا ڪجي؟

ڏينهن جون بي رونقيون بي تابيون،
رات جو جاڳي گذارڻ ڇا ڪجي؟

هاڻ "عاجز" تي نظر هُن جي نه آ،
ويو متي منهنڙو ڏيکارڻ ڇا ڪجي؟

پيش هر ڪنهن جي رهيا اعمال وو!
ڪير سمجهي ٿو اهي احوال وو!

موت ڪان ماڻهو ڊڄي ٿو ان ڪري،
جو ڪُلن ٿا ات سڀئي افعال وو!

وقت ڪنهن کي حيثيت ڏي يا کسي،
يا وڏائي يا ڪري پئمال وو!

ٻگهه هميشه ٿو مڇي من ۾ رکي،
هنج جو ڪم آهي ڳولڻ لال وو!

آهي نادان ڪم عقل جو ڪم برو،
۽ ڀلا ماڻهو ڀلائين ڀال وو!

نيڪ عملن جي پڇا ”عاجز“ اڳي،
ڇا ڪندين ميڙي مڏيون ۽ مال وو!

پاڻ هٿان کان هلڻو آهي،
سڀ ڪجهه نيٺ ته ڇڏڻو آهي.

ڊهڻو نهڻو آهي ماڻهو،
ڪيستائين رهڻو آهي.

مائٽ مٽ ۽ سنگتي ساٿي،
کان پيي دل کي پلڻو آهي.

سک آرام ۽ عيش و عشرت،
پٽ تي ڪٽڻو سٽڻو آهي.

جنهن کي چاهيون تنهن کان آخر،
منهنڙو پنهنجو مٽڻو آهي.

”عاجز“ ڏيهه انهيءَ ڏي هلبو،
جاڏهون پوءِ نه ورڻو آهي.

خبردار غفلت ۾ گهاريو متان !
سندو موت يارو وساريو متان !

اجل اوچتو اوچتو آهي اچڻو،
انهيءَ ڳالهه کان ڏيان ٿاريو متان !

اٿوَ نفس دشمن انهيءَ جي چوڻ،
ڪٽي خواهشن کي سينگاريو متان !

سچڻ کي ڏسي بند اکڙيون ڪريو،
وري ڪنهن ٻئي ڏي نهاريون متان !

ثمر آخرت جو ڪٽو ساڻ "عاجز"،
ڏکيو تنهن سواءِ پوءِ گذاريو متان !

ڏسجو دنياداري آهي،
مطلب جي دلداري آهي.

رشتا ناتا ايئن ٿا پاسن،
مٿ ۾ ڄڻ ڪا واري آهي.

هرڻي وانگي من آ ماندو،
۽ هر خواهش ماري آهي.

جذبن جيءَ سان ويڙهه مچائي،
جنگ اندر ۾ جاري آهي.

اڻ ڄاتي ڪنهن منزل ”عاجز“،
هاڻ هلڻ جي تياري آهي.

مصيبت جي گهڙي آيل ڏسان ٿو،
سڄو ماحول گهبرايل ڏسان ٿو.

سچائي سڀ ڪنهن جي آهي فطرت،
ڪچائي پر هٿين ٺاهيل ڏسان ٿو.

ڪٺورن کي نہ ڪجهہ احساس آهي،
نرم دل ئي سدا گهايل ڏسان ٿو.

هتان گفتار جي نرمي هلي وئي،
هتي رفتار جا تايل ڏسان ٿو.

هٿن تي زور جي ميندي سجي ٿي،
کي طاقت تي بہ پرٽايل ڏسان ٿو.

نہ جذبن جو رهيو ڪو قدر ”عاجز“ ،
بي قدري هاءِ پڙڪايل ڏسان ٿو.

نٿو آرام ڏين، آزار ته نه ،
اسان کي اي زمانا! مار ته نه .

محبت جي نه مقدر ۾ لکيل آ ،
ته چرچو پيي کري يار! کار ته نه .

مڇي پاڙي بنا، ائين يار آهيون،
خبر پيي جي اٿئي کر ڏار ته نه .

اسان جي دل صفا کمزور آ،
ڏئي ڳڻتيون انهيءَ کي ڳار ته نه .

وچون ٿا شهر مان ”عاجز“ لڏيا پر،
کتڻ جهڙا ٿيا تکرار ته نه .

زمانو زور ٿيندو ٿو وڃي پيو،
ڏکيو هر دور ٿيندو ٿو وڃي پيو.

شناسائي رکن ٿا جانور پر،
چو ماڻهو ڊور ٿيندو ٿو وڃي پيو.

نہ قائم حالتون بهتر ڏسان ٿو،
وقت ڀڳ ڀور ٿيندو ٿو وڃي پيو.

سياٽو کانوَ وانگر کو جهڙو ءِ،
اياٽو مور ٿيندو ٿو وڃي پيو.

جيئڻ جنجال ٿيو مسکين ماڻهو،
زندہ در گور ٿيندو ٿو وڃي پيو.

سچ کي گھوگھي سان ڦاهي ٿو ڏسان،
ڪوڙ کي آزاد ساهي ٿو ڏسان.

وقت اهڙو آهي وريو يار جو،
وات سڀ ڪنهن بچڙي وائي ٿو ڏسان.

بي غرض جي دوستي پئي وئي هلي،
مطلبي سڀ حال پائي ٿو ڏسان.

خاڪ کي آخر ته ملڻو خاڪ ۾،
متجندي هر شان شاهي ٿو ڏسان.

ملڪيتون مڪر ۽ فريبن مان جڙيون،
ڏوڏ جي ساري ڪمائي ٿو ڏسان.

واهه ”عاجز“ تنهنجي هر هڪ شعر ۾،
عام ماڻهوءَ سان پلائي ٿو ڏسان.

پري ٿيندا ويا رشتا ڏسان ٿو،
ٻين جي در سدا پنهنجا ڏسان ٿو.

سکن پويان ويا پر ڏک لڏائون،
گهڻا ماڻهو رڳي اهنجا ڏسان ٿو.

گهڻا عابد ڀي پائي ڪين سگهيا،
دلين تي ئي رکيا درجا ڏسان ٿو.

ڪهل ۾ قياس ئي بس ڪونه آهي،
ٿيل معصوم جا ٽڪرا ڏسان ٿو.

نشانيون ڏوهه جون آهن نمايان،
چٽائي جيڪڏهن چهرا ڏسان ٿو.

ويو هو نانگ نڪري يار ”عاجز“ ،
مگر ڪٽبا رهيا ليڪا ڏسان ٿو.

دنيا ۾ موت جا ڏاڪا ڏسان ٿو،
پريشانين سندا ڏاڪا ڏسان ٿو.

سمورا خان ڏس خالي هٿئين ويا،
شهنشاهہ پڻ ڪندي واڪا ڏسان ٿو.

گذاريو غفلتن ۾ جنهن ٻہ هوندو،
ڪندي تنهن جي زبان جهاڪا ڏسان ٿو.

وڃي ٿو روح اُڏامي جنهن گهڙي پوءِ،
جسم خالي ءِ چند خاڪا ڏسان ٿو.

هتي سيڪو مسافر آهي ”عاجز“ ،
هليا ڪيئي ويا باڪا ڏسان ٿو.

# گیت

ٻيرن ۾ آ ٻور
پرين چو آهين ڏور
چاهت چڪنا چور
پرين چو آهين ڏور
چنڊ چانڊوڪي ٻيانءِ نہ پوي ٿي
سج وڏائي سور
پرين چو آهين ڏور
روز اوهان جي سار ستائي
روح رهي رنجور
پرين چو آهين ڏور
ڏار گذارڻ جو چا ڪارڻ؟
کهڙو آ قصور
پرين چو آهين ڏور
”عاجز“ جو هر لمحو گذري
محبت ۾ مجبور
پرين چو آهين ڏور

سخت تر آيا اونهارا، اچ مٿا پينگهي لڏون،
دير ڇا جي دم دلارا، اچ مٿا پينگهي لڏون .

راتيون ننڊيون ٿين ٿيون، ڏينهن ٿين ڏاڍا وڏا،
ننڊ پوري ڪانه پيارا، اچ مٿا پينگهي لڏون .

انب ليما جام ٿي پيا، ڏنگ ڏوڪا ڪارڪون،
گڏ رهي ڪريون گذارا، اچ مٿا پينگهي لڏون .

اچ هوا ڪجهه آ ٿڌي ۽ پڻ ٿيا جذبا جوان،
ڪن اکيون توکي اشارا، اچ مٿا پينگهي لڏون .

دير ڇڏ گڏجي گذاريون زندگيءَ جون هي گهڙيون،
پوءِ ملن شايد نه وارا،اچ مٿا پينگهي لڏون .

**راتـــــــري جيــــــئن مٿـــــا،**
**مـــــاڪ پئـــــي تيـــــئن مٿـــــا.**
**ياد اچين ............**

**ڪيــــت پچـــــن گاهـــــ ڦـــــٽن،**
**نيـــــنهن لڳـــــن ســـــاز چـــــڙن،**
**ســـــانگ ٽيـــــا ڪيئـــــي ڪٿـــــا.**
**ياد اچين ............**

**ميـــــنهن وســـــن روڊ پســـــن،**
**گـــــونچ ٿـــــين گـــــل ٽـــــڙن،**
**دل ۾ آهـــــن دود دکيـــــا.**
**ياد اچين ............**

**ڪيئـــــين ڪيـــــان ڪـــــاڏي وجـــــان**
**هـــــن هُـــــن ڪـــــان پنـــــڌ پچـــــان**
**راهـــــ ڏســـــان تنهنجـــــي ســـــدا.**
**ياد اچين ...........**



نينهن لائڻ ۽ نباهڻ ڪو اوهان ڪان ئي سڪي
پيار ڪي بيحد بنائڻ ڪو اوهان ڪان ئي سڪي
ناز نخرا محب ماڻا سپ اوهان ڪي ٿا اچن
سڪ وندا ويتر سڪائڻ ڪو اوهان ڪان ئي سڪي

ڏک ڏاجي ۾ ها ڪري ورتم
سک جي ڪاتي ۾ ها ڪري ورتم
ڪوڙ سختيون پلئه پيون ”عاجز“
نينهن ناتي ۾ ها ڪري ورتم

ستم پي يادگار ڏيندا ويا
زخم پي يادگار ڏيندا ويا
دوستن جي دعا آهي ”عاجز“
مرهم پي يادگار ڏيندا ويا

لالچ ۽ طمع داري اڄڪلهه گهڻي ڏسان ٿو
مطلب جي دنيا داري اڄڪلهه گهڻي ڏسان ٿو
ڪيئن پيو هلي زمانو؟ ماڻهن کي ڇا ٿيو آ
چو طرف رات ڪاري اڄڪلهه گهڻي ڏسان ٿو



سڀ ڪجهہ ساڙيو پر

ڪوئي مٽجي ويو..............

گهر صحن ۾ روشنـي

پـتيـون دريـــون در

ڪوئي مٽجي ويو..............

ٻيـرن ٻـور جهـليو

نســريا سـارا سـر

ڪوئي مٽجي ويو..............

اونهـارا ويا سيـارا

ساڙيا ئـي منظر

ڪوئي مٽجي ويو..............

ڇاٽي ڪيئن ورتئي

”عاجـز“ هـيءَ خبـر

ڪوئي مٽجي ويو..............

مــون ويجـهو ناهين ،
خوشين کي چا ٿيو؟
پيون ٿيون تڙپائين ،
خوشيـن کي چا ٿيو؟
رت سنـدا ڳــوڙهــا ،
اکــڙيــون وهــائـين .
خوشين کي چا ٿيو؟
ماٽيـلي ماءُ جيـئن ،
چـڙ ٿـي پيـــون آهن .
خوشين کي چا ٿيو؟
ڪو تـہ قصور ”عاجز“،
ٻيــــلي ٻـڌائــيــن !
خوشين کي چا ٿيو؟

تنھنجي ياد مٺا !
تــي آبــاد مـٺا !
ننڊ اڏامي وئي .
سوچن کان ناهيان،
مان آزاد مٺا !
ننڊ اڏامي وئي .
ڪنهنکي آخر ڏيان،
هي فرياد مٺا !
ننڊ اڏامي وئي .
”عاجز“ هئہ گهوڙا !
ڙي بغداد مٺا !
ننڊ اڏامي وئي .

تـا گھٽـو نٽـايـون،

رات ٿي نہ ٿي پوي.

ننـڊ ٻي اچي نـٿـــي،

جـاڳ تـا وڌايـــــون.

رات ٿي نہ ٿي پوي.

چو طرف جي سانت کان،

خـوف پيـا ٿـا پائـيـون.

رات ٿي نہ ٿي پوي.

ڏينـهن وانـگر رات کي،

جـي ڪٽــي ٻٽـايـون.

رات ٿي نہ ٿي پوي.

هيـڪـلائي آهـي”عاجز“،

ڪـنهـنـکي هـي ٻڌايـون.

رات ٿي نہ ٿي پوي.

اوڙي تـــــارا
يرَ جاڳـــــڻ وارا
سمهي پئو يلا.............
رات گھٽي گذري،
سوچ تہ ڪر پيارا .
سمهي پئو يلا.............
چنـڊ هليو ويـوآ ،
گـم ٿيـا چـــارا .
سمهي پئو يلا.............
پويون پهـــر پڳو،
صبـــح جـــا وارا .
سمهي پئو يلا.............
ننڊ پـيا هـونـدا،
ڪيئـي تـو پـارا .
سمهي پئو يلا.............

روڪيو ويندي شام،

مون ڪان رات نٿي ڪٽجي.

بيلي رب جي نام!

مون ڪان رات نٿي ڪٽجي.

اوندهہ ۾ ڪو ڪونهي اُجالو،

ڪاري رات قيام.

مون ڪان رات نٿي ڪٽجي.

ڪتيون تارا ٽانڊا سارا،

آڳ تيا گس گام.

مون ڪان رات نٿي ڪٽجي.

اکين اوجاڳا آهن مليا،

محبت ۾ انعام.

مون ڪان رات نٿي ڪٽجي.

”عاجز“ڪو تہ اچي ڏي جلدي،

پرهہ سندو پيغام.

مون ڪان رات نٿي ڪٽجي.

راتِ، ڪمرو، بلب

۽ مان ...............

شاعري جي طلب

۽ مان ...............

ننڊ ڪوهين پري

هيءَ حيرت عجب.

۽ مان ...............

ڪنهن جي يادن سندا،

چڙ وڌي پيا سبب.

۽ مان ...............

سڀ سمهي پيا پيا،

جاڳي هڪڙو رب.

۽ مان ...............

آهـــي آوارگي،
نہ وڃون مارجي.
موٽ جلدي مٺا !

دل وٺي ضربجي،
جــــان آڏارجــي.
موٽ جلدي مٺا !

موٽ آهي مٿان،
زندگــي عارضي.
موٽ جلدي مٺا !

حوصلو پيو وٽون،
پر وڃي هارجــي.
موٽ جلدي مٺا !

آن ڪٿي او پرين؟
پلٽجي وار جــي.
موٽ جلدي مٺا !









شاعري ادب جي ڪا هڪڙي صنف نہ رهي آهي، پر اڄڪلهہ جي اونداهي ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ ڪوبہ ماڻهو سنئون سڌو سچ چوڻ جي اگر جرئت ڪري سگهي ٿو تہ اهو شاعر ئي آهي.

اهڙن بهادر ۽ ٻي ڏپن ماڻهن مان اسان جو ٻچڙو عاجز بہ هڪ آهي. "سور سانيڙ سندا" ۽ ان کانپوءِ "ڪنور تاجو احساس" سندس اهڙا شعري جا مجموعا آهن، جن جي پڙهڻ سان هڪ اميد پيدا ٿي تہ سنڌ اڃا سجاڳ آهي. احساس اڃان زنده آهن. اڄ وري جڏهن هي سندس نئون شعري مجموعو سامهون آيو آهي تہ هڪ هڪ لفظ انمول موتيءَ جيان جرڪي رهيو آهي.

ڀَل هوا جو رُخ مخالف ٿي رهي،
ٻار ڪو "عاجز" اميدن جو ڏيئو.

انشاءَ الله تہ اهو اميدن جو ڏيئو گهڻن ئي راهہ ويندڙن لاءِ روشنيءَ جي لاٽ ثابت ٿيندو دعا آهي تہ ننڍڙو عاجز هڪ ڏينهن ادب جي دنيا جو روشن ستارو ٿي چمڪندو.

**ڪنيز فاطمہ راڄپر**

سنڌ ادبي اڪيڊمي